SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1993
SINDH ORDINANCE NO. V OF 1993
سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1993
THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Ordinance VIII of 1980

سنڌ آرڊيننس نمبر V مجريه 1993
SINDH ORDINANCE NO. V

OF 1993

سنڌ اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1993

THE SINDH SPORTS BOARD (AMENDMENT) ORDINANCE, 1993

[31 مئي 1993]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس نه هلي رهيو آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي اسپورٽس بورڊ (ترميم) آرڊيننس، 1993 سڏيو ويندو.

(2) اهوفوري طور لاڳو ٿيندو ۽ 23 مارچ 1993 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

سنڌ آرڊيننس VIII مجريه 1980 جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh

2. سنڌ اسپورٽس بورڊ آرڊيننس، 1980 جي دفعه 4 ۾-

(1) ذيلي دفعه (1)، ۾ آئٽم (II-A) ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل

Ordinance VIII of 1980	کي شامل ڪيو ويندو. " (II-AA) سيڪريٽري آف گورنمينٽ سنڌ ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ " (2) ذيلي دفعه (2) جي لاءِ هيٺ ڇاڻايل متبادل هوندو:- "(2) سيڪريٽري ڪلچر اينڊ ٽوئرازم ڊپارٽمينٽ ۽ ڊائريڪٽر آف اسپورٽس سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري کي به ترتيبوار سمجهيو ويندو."

نوٽ:- آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.